SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ آرڊيننس نمبر II مجريه 1993
# SINDH ORDINANCE NO.II OF 1993

# صوبائي سمال ڪازز ڪورٽس (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1993
# THE PROVINCIAL SMALL CAUSES COURTS (SINDH AMENDMENT) ORDINANCE, 1993

## فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)
دفعات (Sections)
1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement
2. 1887 جي ايڪٽ IX جي دفعه 15 جي ترميم
Amendment of section 15 of Act IX of 1887
3. 1887 جي ايڪٽ IX جي دفعه 27-A جي ترميم
Amendment of section 27-A of Act IX of 1887

سنڌ آرڊيننس نمبر II مجريه 1993
SINDH ORDINANCE NO.II

# OF 1993

# صوبائي سمال ڪازز ڪورٽس (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1993

# THE PROVINCIAL SMALL CAUSES COURTS (SINDH AMENDMENT) ORDINANCE, 1993

[1 اپريل 1993]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ صوبائي سمال ڪازز ڪورٽس ايڪٽ، 1887 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ صوبائي سمال ڪازز ڪورٽس ايڪٽ، 1887 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پيو آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن ته صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نه آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي ته موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

هاڻي، تنهن ڪري، اسلامي جمهوريه پاڪستان جي عبوري آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) تحت مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي؛

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي صوبائي سمال ڪازز ڪورٽس (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1993 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور تي نافذ العمل ٿيندو.

1887 جي ايڪٽ IX

جي دفعه 15 جي ترميم
Amendment of section 15 of Act IX of 1887

2. صوبائي سمال ڪازز ڪورٽس ايڪٽ، 1887 ۾، سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ، جنهن کي ان کانپوءِ به چاٽايل ايڪٽ سڏيو ويندو، ان جي دفعه 15 ۾:

(i) ذيلي دفعه (2) ۾، لفظن "ٻه هزار" کي لفظن "پنجويهه هزار" سان متبادل بڻايو ويندو؛

(ii) ذيلي دفعه (3) ۾، لفظن "پنج هزار" کي لفظن "پنجاهه هزار" سان متبادل بڻايو ويندو.

1887 جي ايڪٽ IX جي دفعه 27-A جي ترميم
Amendment of section 27-A of Act IX of 1887
1993

3. چاٽايل ايڪٽ جي دفعه 27-A جي ذيلي دفعه (1) ۾، لفظن "ٻه هزار" ۽ لفظن "پنج هزار" کي لفظن "پنجويهه هزار" ۽ لفظن "پنجاهه هزار" سان ترتيبوار متبادل بڻايو ويندو.

نوٽ:- آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.